سنت ساهتيہ

[سچي زندگيءَ جو ماهوار پتر] .

مرليءَ جو سنديش

ٻوٻا ڪيل:- شري ڀڳوانداس نندوسنگهه.

مرليءَ جو سنديش

[دادا جو اپديش]

مرليءَ جو سنديش! اڄ ڪلهه ڪيترا آهن جي
ان جو ويچار ڪن ٿا؟ ويهه سال ٿيا ته مان ولايت
جي سير کان موٽيس * ۽ ڀارت لاءِ وڌيڪ پيار دل
۾ کڻي موٽيس ۽ ڀارت جي آدرش لاءِ وڌيڪ شرڌا
دل اندر رکي موٽيس. ولايت مان موٽي مون هندستان
جي حالت جو ويچار ڪيو ۽ پوءِ پڇيم :- "ڪٿي؟
هي پرڀو! تون آهين ڪٿي؟" مندرن ۽ ٺڪاڻن ۾
نهاريم ۽ ڏٺم ته اتي ته دڪانداري آهه ۽ آڏمبر آهه
۽ وري پڇيم :- "ڪٿي؟ ڪرشن ڪنهيا! تون آهين
ڪٿي؟" اسڪولن ۽ ڪاليجن جي اندر نهاريم ۽ ڏٺم
۽ اتي ته آتم وديا جي روشني آهي نه ڪا؛ ۽
دلگير ٿي وري پڇيم :- "ڪٿي؟ هي ڪرشن! تون
آهين ڪٿي؟" نوجوانن ۽ وديارٿين کي ڏٺم ۽ انهن ۾

---

* هي اپديش پياري دادا ۱۹۳۰ع ۾ ڏنو.

لڳي آهه دل ۾

[دادا]

لڳي آهه دل ۾، اِڪ تنهنجي ئي آس :
آئُم اَڄ مسواري، ڏاڍي پياس، پياس! لڳي ....

اکين ۾ آ! تولهه، آئُم اِنتظاري :
لڳن ۾ لڳي آهه، برهه جي بيماري! لڳي ....

نيڻن تنهنجن آ! موٽڪي موهيو آهه :
تنهنجي محب موليءَ، نهوڙيو ته آهه! لڳي ....

فڪر دل ۾ آ! ڏسي، وطن جو هي حال :
ٻڌ فقيران دکي ٻوليءِ، اَچي ڪر سنڀال! لڳي ....

اَچي چمڪ تون، اَءِ سونهن جا ستارا!
سٽ ڏوريءَ جا سنڌڪا، اَءِ پريتم پيارا! لڳي....

ٻوڙو روشني وري روشن ڪيو!“ ائين منهنجي دل وري وري ٻئي پڪاريو؛ ۽ ٻوءِ منهنجي اندر ٻوڙوءَ جي ٻاڻي آئي ۽ مٺر مرلي آواز ۾ شيام سندر هيئن چيو:- ”هيڏانهن نهار! مان بيٺو آهيان، ٻوام جي اکين سان ويٺو نهاريان؛ اچڻ لاءِ تہ مان ٻاڻ منتظر آهيان؛ ٻر مونکي اندر آڻڻ لاءِ توهين پنهنجي دل جي مندر کي کولڻ لاءِ تيار آهيو؟ هيڏانهن نهار! مان تہ اُنهي ٻهر مرلي چپن تي چاڙهي بيٺو آهيان؛ مان تہ ٻوام جي مٺر ٻاڻي ٻڌائڻ لاءِ تيار آهيان؛ ٻر توهين جهڙا جهيڙا بند ڪرڻ لاءِ تيار آهيو؟ نهار! مان تہ سڀن ملڪن ۽ قومن کي ميلاپ جي مجلس ۾ آڻڻ ٿو چاهيان؛ ٻر توهين منهنجي پڪار ٻڌڻ لاءِ تيار آهيو؟“

اَچو ڪي ٻوڙو ڏيکون مان سڀن کي هي چوڻ ٿو چاهيان:- ”ٻوڙوءَ کي وري وڻي اَچو! شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڻي اَچو! راجڌاڻيءَ ۾ ۽ واپار ۾ ۽ وديا ۾ ۽ مندرن ۾ ۽ ٻوجا ٻرارٿنا ۾ ۽ روز ٻروز جي ڪم ڪار ۾ ٻوڙوءَ

ڪيتريون ڳالهيون ڏٺم ۽ ٻڌو ٻاپوءَ جي يادگيري ڪانءِ
ڏٺم ۽ ٻڇيم :- " ٻاپو! ڪٿي؟ تون آهين ڪٿي ؟"

اَڄ ڪلهه جي گوڙ شور ۾ مان ٻاپوءَ کي نٿو ڏسان.
اَڄ ڪلهه جي مت متانتون ۽ مذهبن جي جهيڙن جهڳڙن
۾ مان ٻاپوءَ کي نٿو ڏسان . هن وقت مان ڏسان ٿو ته
هر هنڌ آهه پيسي جي مارا ماري. ڪرشن جي جنم ڀومي،
ڀارت ۾ ڏسان ٿو ته عيش عشرت جي لهر آهه ۽ هندو
سماج ۾ ذاتين پاتين جو جهڳڙو آهه . ڏسان ٿو ته غريبن
مسڪينن تي ظلم آهه ۽ ڏسان ٿو ته ويچارا جانور،
جي ڀڳوان جا اَنگ آهن، ڪاسائن جي ور چڙهي
روز روز قتل ٿي رهيا آهن، ۽ رات جو ۽ پرڀات جو
منهنجي دکي دل مان وري هيءَ پڪار نڪتي
اٿي :- "هي ڪرشن! هاڻي موٽي اَچ! گهڻي وقت
کان اَسان توکي ڇڏي ڏنو آهه. ڀارت جو دک توکي
سڏي ٿو! هاڻ موٽي اَچ ۽ اَچي ڀارت جا ڏکڙا دور
ڪر! دکي دنيا توکي پڪاري ٿي. هاڻ موٽي اَچ،
۽ وري ڀارت جو مٿو سڀديش سڄي سنسار کي سيکاءِ!
هاڻ موٽي اَچ ۽ دنيا جي اَندر پنهنجو پريم ۽ پنهنجي

ڳوڙهي فڪر شروع ڪيو ويندو. ان ڪانپوءِ دادا جشن
هيٺيون اپديش ڏنو :-]

اَڄ سڄو ڏينهن ٻاٻا کي اهي اکر ٻڌي چيا اٿم، جن اکرن جو ٿورو ذڪر اَڄ مجلس جي مون توهان سان ڪيو :-

”آخر ماڻهو نه ٿي رب،
ٻيو سڀ ماڻهو نه ٿيا ٿيو؟“

سڀ ڪجهه مليو، مان شان وڏائي، دنيا جو عيش عشرت، اندرين جو آرام، ڀوڳ، ٻئو پدارٿ، لک ڪروڙ- مستانون ٺهيون، اسپتالون ٺهيون، اسڪول ۽ ڪاليج کليا، پر جي رب نه مليو ته ڪجهه ڪين مليو!

What doth it profit a man, if he gains the whole world and loses the beloved.

اهي اکر اَڄ ٻيهر ٻاٻا کي ٻڌي چيا اٿم. ماڻڪ جنم انسان کي ان واسطي مليو ته پنهنجي رب، پنهنجي پريتم کي ڳولهون، جنهن کان اسين وڇڙيل

ڪي وڏي وٺي اچو! پرڀوءَ جي شڪتيءَ بنان نه اوهان جي جيون ۾ جوش جاڳندي، نه ملڪ کي سچي آزادي ملندي."

دل ڪا دوار کول

[دادا جشن جو جنم دن اپديش]

[۲.۸.۱۹۸٦ نماشام جو ستسنگ پاهر کليل ميدان ۾ وڻن هيٺ پياري دادا جي پوتر سماڌي آستان اڳيان ٿيو. نوري گرنٿ جي اکنڊ پاٺ جو ڀوڳ پيو. دادا گنگارام، دادا هوتچند، شري واگهه (مهاراشٽرا هيرلڊ جي ايڊيٽر) دادا جشن کي مٺن اکرن ۾ ڀيٽانجلي ڏني. سنگت پاران دادا گنگارام دادا جشن کي ۳۸،۹۷،۹۱۰=۰٦ رپين جي ڳوٿڙي پيش ڪئي، جنهن ۾ ۳۵ لک انعام کيل رقم آهه، جا اڳا ڀيٽي ڪانهي. دادا جشن جي اڇا موجب اها ڳوٿڙي پياري دادا جي چرنن ۾ ارپن ڪئي ويئي؛ هر سال جيان هن ڳوٿڙيءَ سان پياري دادا جو جنم دن

ٻين ٻوليءَ ماڻهن کي تڪليف ڏيون ٿا. سنڌين جيالي
ڪئيون ٿا، زبان جي سواد واسطي، جو سواد ڪن
پرڳ آهه. گهڻو وقت اهو سواد هلي ٿو؟ ان لاءِ
اسين هزارن لکن جي تعداد ۾ جانورن کي ڪوس
گهرن ۾ موڪليون ٿا.

اهي اندرين ۽ من جا دوار بند ڪريو، جي توهين
چاهيو ته دل جو دوار کلي. اسانجي من جا دوار
ٻه ڪليل آهن. انڪري اسين پنهنجي ايمان ۽ اهنڪار
۾ رهون ٿا. انڪري اسانکي ضد آهن. فلاڻي سان
مان ڳالهائيندس ڪين. فلاڻي کي مان ملندس ڪين.
فلاڻي کي مان پنهنجي گهر ۾ ڪوٺيندس ڪين.
فلاڻي جي موٽ ۾ مان چڙهندس ڪين. ڪهڙي
اسانجي حالت آهه؟ ستسنگ ۾ اسين روز اچون
ٿا، پر اسانجي حالت دکدائڪ آهه. پياري دادا
اچي اسانکي ٻڌايو ته ان دکدائڪ حالت کان توهين
ڇٽو، مٿي چڙهو. دل جو دوار کوليو! انڪري پيار،
ٻولم ۾ وڌو! مدهجي اکين ۾ اهو سپنو آهه ته هي

آهيون. پر ڏسو، اهو ماڻڪ، جنهن اسين کهڙين ڳالهين پٺيان پيا ڦٽو ڪريون. ٻاچن پٺيان پيا ٻوڙون پايون ۽ خوش پيا ٿيون. همت ڪريون ته فقط ٻاچا. اسان کي خوشي پيئي ٿئي. پر جنهن ڪرڻي لاءِ اسين آيا آهيون، اهو اسين وساري ٿا ڇڏيون. اهو ڪرڻي کهڙو؟

”آخر مليو ته ڇي رب،
پيو سڀ مليو ته ڇا ٿيو؟“

سوال آهي ته ڪئن اسين پنهنجي پرتم، پنهنجي رب کي پايون؟ پيارو دادا هڪ هنڌ چوي ٿو ته جي توهين چاهيو ته توهانجي ماڻڪ پاڻرا سڦل ٿئي ته هي هڪ ڳالهه ڪريو:- ”دل کا دوار کول!“ جو دل جو دوار کولي ٿو، ان کي دائم جو ديدار ملي ٿو. هن وقت اسان اندرين ۽ من جا دوار کوليا آهن. انڪري اسانجي جيون يوگ ۾ وچاڻل آهي. يوگ ۽ جز نيت روگ ٿئي ٿو. سواد ۽ مزن پٺيان پيا ٻوڙون پايون. سواد جي ڪري اسين پرواه نٿا ڪريون.

(١) جيون ۾ پوترتا جو اَنگ ڪوليو. سائوت
آمريڪا مان، پوجيه ماتا جي هٿ آيل آهي. ماتا سوُترا
اُس هڪ آشرم آهي. شري رمڻ آشرم. اُن جي ماتا
آهي. مونکي چيائين :- ”اُن لوڪن کي ڪيترين
ڳالهين چوڻ ٿو، پر تون هڪ ڳالهه ڪين هيءَ چئه
ته پوتر زندگي (Pure life) رهڻ. اندرين جو زور
ڏيون، ترشنائن جو زور ڏيڻ جي ڪوشش ڪريون.
وري وري پياري پريوءَ وٽ وڃون، وڃي پڪاريون :-
”پريو! مان بيوس آهيان. جڏهن اَپوترتا جي لهر
چڙهي ٿي، مونکي گهلي وڃيٿي. اُن وقت مان اڪ
ڪاني وانگر لڙهي وڃان ٿو. مونتي تون آسيس ڪر!“
اَهڙيون پرارٿنائون وري وري ڪريون، جي اَسين
چاهيون ٿا ته اَسانجا پير پوترتا جي راهه ۾ پختا رهن.
اَسين ستسنگ ۾ اَچي اُپديش ٻڌون ٿا، شاستر
پڙهون ٿا، سنتن جي باڻيءَ جو پاٺ ڪريون ٿا،
ورت ۽ نيم پالن ڪريون ٿا، پر اَسين آهيون اُن
مٽڪيءَ وانگر، جنهن ۾ سوراخ آهن. جيڪا ڪهاڻي

ستسنگ ٿي پوي ات پريم جو ساگر، پريم جو درياءُ، جنهن ۾ اسان مان هڪ هڪ ٻڏي وڃي! موکي خبر ڪين، ڇو ته مان هميشه اچي ڪنديءَ تي بيٺو آهيان. جنهن وقت موکي سڏ ٿئي، ان وقت ياد ڪري ڇڏجو ته هي پياري دادا جو داس اسان وٽ آيو. وري وري هڪ ئي ڳالهه چيائين:- پريم، پيار ۾ وڌو. هڪ ٻئي سان پيار جو ورتاءُ ڪريو. ۽ پيار جي هڪ نشاني اهه ڪميا. تو موکي تڪليف پهچائي آهي ڇا؟ تو مون بابت ڪجهه گهٽ وڌ وڌ ڳالهايو آهي ڇا؟ تو موکي exploit ڪيو آهي ڇا؟ تو مهنجو بي جائز فائدو ورتو آهي ڇا؟ مهنجا پيارا! تون ۽ مان جدا ڪين آهيون. ٻئي پياري دادا جي در جا نوڪر آهيون. تون موکان معافي نه گهر. مان توکي اڳيئي معافي ڏيئي ڇڏيان ٿو. هڪ ٻئي سان مٺو ڳالهايون.

وقت مهنجو لڙو گذرندو وڃي ٿو. پياري دادا چيو:- دل جو دوار کوليو! انکري ٽن ڳالهين جو ذڪر پياري دادا ڪيو:-

جڏهن پياس آئي ٿي، اسين انسان ٿيون ٿا. پياس،
سڪ ڪٿان آئي؟ پياس پرڀوءَ جي بخشش آهي.
انڪري پياري پرڀوءَ کي وري وري پڪاريون:-
"اسانکي سڪ جي، پريم پيار جي بخشش ڏي ته
اسانجي جيون سڦل ٿئي" وري وري توهانکي
وينتي ڪندو آهيان ته ننڍڙيون ننڍڙيون پرارٿنائون
ڪريو نيت وري به پرارٿنا آهي، جنهن دوارا
اسانکي سڀ ڪجهه پراپت ٿئي ٿو. هڪ هيءَ
پرارٿنا مان دل جي اندر وري وري ڪندو آهيان:-

I love you, God! I want to love you more and more! I want love you more than anything in the world. I want to love you to distraction, to intoxication. Grant me pure love and devotion for Thy Lotus Feet, and so bless me that this world-bewitching maya, may not lead me astray. And make me, Blessed Master! an instrument of Thy help

ڪريون ٿا، سوراخن مان وهي وڃي ٿي. اسين ساڳئي
جا ساڳيا. ڪيترا ماڻهن کي ملون، چون :- "اسين
ستمبر ۾ ويهن سالن کان آيا آهيون، اسين ساڳئي
جا ساڳيا!" بيشڪ، ساڳئي جا ساڳيا، ڇو ته اسانجي
جيون اجا پوتر نه ٿي آهه. اپوترتا نهورن ويچارن ۾
شروع ٿئي ٿي. انڪري پنهنجن ويچارن جي سنڀال
ڪريو ن. پيارو دادا چوندو هو :- پاڻ سان ٽاچڻي
رکو. ڪڏهن وقت به اپوترتا جو ويچار اچي، اها
ٽاچڻي ڪڍي پنهنجي پانهن ۾ يا سرير جي پئي ڪڏهن
هڻي ٿنبيو. ڏسو، توهانجو اپوترتا جو ويچار اڏامي
ويندو.

(٢) جئن اسانجو انتهڪرڻ وڃي ٿو صاف، پوتر ۽
نرمل ٿيندو، اسانجي اندر پياس اٿي ٿي،
پياس پرڀوءَ واسطي، سک سچڻ واسطي! ڇا آهي
جا اسانکي جانورن کان پيءَ طرح پدائي ٿي؟
"ڪرتوت پسوءَ کي ماڻس ذات": ڏسڻ ۾ اسين
ماڻهو آهيون، پر ڪرتوت اسانجا پسن وانگر آهن.

اُتاريان ٿو، جواب ڏيڻ جو وقت ڪٿي آهي. شون ۾
آڇون، اِنڪري گروه جا چون ٻڌايون. گروه جي
سکيا نه فقط ٻاهرين ڪنن سان سڻون، پر وچي اُن
جو ويچار ڪريون، ڌيان ڪريون. اها سکيا پڻهنجي
جيون ۾ پرڪاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون! شون
۾ آڇون، اِنڪري سنگت جا خادم ٿيون. هڪ
هڪ کي پاڻ کان بهتر ڪري سمجهون. مٺو ڳالهايون،
عزت سان ڳالهايون، هڪ هڪ جي سيوا ڪريون!
شون ۾ آڇون! پوءِ اسان کي پروڙ پوندي ته زندگيءَ
جي پاڙ آهه پرڀوءَ جو نام، گروءَ جو نام! اِنڪري نام
ڳايون! پرالهه ڪالي جو وجهه نه وڃايون. روز روز
پيارو نرپو اسان کي اهو وجهه ڏئي ٿو. اُن وقت عجيب
ورڪا ٿئي ٿي. صبوح جو سويل اُٿي نام جو اَڀياس
ڪريون، پياري پرڀوءَ سان گفتگو ڪريون، پياري
گروديو سان اندر جو احوال اوڙيون. نام جو اَڀياس
ڪريون ۽ نه وساريون ته نام جا پڳل روپ، دکي
دردر دلين، غريب مسڪين، پسون ۽ ٻکي، تن جي

and healing in this world of suffering and pain.

اِها ڀروارٿنا مان ڪيترا ڀيرا ڪندو آهيان ۽
ڪندو آهيان ته مونکي ڪيڏي نه آسيس اچڻي.

(٣) ٽين ڳالهه ڀاري دادا چيو:- ڪرم گهڻي
مٺا، پر ڪمن جو ڪم آهه. شرط ونڊا. شري ڪرشن
گيتا ۾ ارجن سان ڪيترين ڳالهين جو ذڪر ڪري
ٿو- پرش ۽ پرڪرتيءَ بابت، ٽن گڻن بابت، سوڌرم ۽
لوڪسنگرهه بابت، گيان ۽ وگيان بابت، ڪرم ۽
اڪرم بابت، شرڌا- تپسيا بابت. پڇاڙيءَ ۾، ١٨
اڌيايءَ ۾، شري ڪرشن ارجن کي چوي ٿو:- ” ارجن
اڄ ته توکي آتمڪ زندگيءَ جو ڳجهه ٻڌايان:-

ڌرمن سڀني جو ڪري تياڳ،
ارجن! تون مهنجي شرن آءُ
ته پاپن جا بندن سڀئي آءٌ ٽوڙيان،
اچي مڪتي پاءِ

شرن ۾ اچڻ. شرن ۾ اچڻ ڇا آهي؟ سوال

ساڻ اُنَ آنند ڀريو آهي. گهٽ ۾ گهٽ اهو وقت
سڀ ڪجهه وسري ويندو آهي. اتسڪتا ٿيندي آهي.
ته دادا پيو ڳالهائي، پيو ڳالهائي. نيلو، هيءَ
”روح رهاڻ“ آهي. روح جي روني. وڃي ٿي اندر
تهن کي ڇهي، touch ڪري. خوشيءَ جي ڳالهه
آهي ته تازو دادا جنن جي جنم ڏن تي پڻ شيلا
سپيءَ، پاڻ سيتل ميدگهاڻي ۽ پاڻ نرمل واسواڻيءَ
جي مدد سان هڪ سندر پستڪ ”روح رهاڻ“ جي
نالي سان پرڪاش ٿيو آهي. سهڻو پستڪ آهي ۽ اڇو
ڀدو ڪتب آنڊل آهي. هڪ گهر ۾ اهو پستڪ
هئڻ گهرجي. لوڪي مان اهو پستڪ ضرور موڪليندس.
ٻين جن کي کپي، سي پڻ شيلا سپيءَ کي ۱۳ رپيا
موڪلي، هيٺين ائڊريس تان اهو پستڪ گهرائيندا.
ڪتاب جي قيمت ۱۰ رپيا ۽ ٽپال خرچ ۳ رپيا.

Kum. Sheila T. Sippy,
C/o Sadhu Vaswani Mission,
10 Sadhu Vaswani Path, Pune-411001.

عزت ۽ شرڌا ۾ سيوا ڪريون، ان جي چرنن ۾ سر جهڪايون، ان جي آسيس پايون، پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريون!

نيلوءَ ڏي سنيهه پتر

پياري نيلوءَ،

جئه دادا شيام! توهان ڪٿان آهيو؟ ڀلا توکي ستڪ ڪٽي هئي، هو صحت جي ڪري تون پڇي ڪين سگهين. واهگرو توکي جلد ڏوبدو ڪندو!

نيلوءَ، توکي پڙهي خوشي ٿيندي ته هاڻي هتي پوني جي ستسنگ ۾ دادا جشن اچين ۽ چوٿين ڇنڇر ٿي روح رهاڻ ڪندو آهي. اها روح رهاڻ ايڏي ته آنند دائڪ ٿيندي آهي، جو ڏينهن پوءِ سنگت جو تعداد وڌندو آهي. دادا جشن کي جيڪو اڄ ڏينهن پرڀات جو اڻ ساڻ وچار ملندو آهي، اهو سنگت کي پڙهائيندو آهي ۽ اڻ جي سمجهاڻي پڻ ڏيندو آهي. ڪهڙائي مثال ۽ آکاڻيون ٻڌائيندو آهي، جن ٻڌڻ

جو ڏينهن هو. نرمل ڀاڳ ۾ نام سمرن ۽ شيوا جي
ڪارين سان ملهايو ويو.

٣ آگسٽ جي سنبنڌ ۾ پروگرام اڳيئي سنگت
کي ٻڌايو ويو ته دادا جشن سائي ۹ واري ستسنگ
۾ هيمت لهندو، ستي اپاهجن، سورداسن، گهرجائو
سفيد پوش ڀينرن ۽ ڀائرن جي شيوا ٿيندي. پر دادا
جشن اڳيئي ۹ بجي نڪتو. ۽ وري سائي ۹ هيمت
ستسنگ ۾ آيو. هون لڳي ٿيو. شيوا جي پروگرام ۾
شالون، بلينڪيٽ، ڪپڙو، سڪوڙن جا پئڪيٽ،
ڪٽڪ، چانور، کنڊ، چانهه ۽ روڪ ڏنا ويا. اُن
تي اٽڪل ٢٠ هزار رپيا خرچ آيو.

منجهند جو ١٢ کان ١ بجي تائين وري سنگت
ميران هال ۾ گڏ ٿي. اُن وقت نوَن پستڪن جو
اُدگهاٽن ٿيڻو هو ۽ دادا جشن جي روح رهاڻ جو
پروگرام هو. دادا جشن آيو، سڀني وٽي پيار ۽ شرڌا
۾ ڌاڙيون وڄايون. پستڪن جي اُدگهاٽن ڪانپوءِ دادا
جشن اُن ڏينهن جو وچار ڏنو:- " آخر ملبو ته جي

نصيحت ڪمائي هئي! سڀني کي ڏاڍو آنند آيو. سڀني
۾ ڏاڍو اُتساهه هو. ڪاليج جي ٻالڪن ۽ اَڌياپڪن
اَنجام ڪيو ته هي هفتو Meatless Week ڪري
observe ڪندا سين. ٻين اِسڪولن جي ڪن وديارٿين
ٻه ٽي اهڙا اَنجام ڪيا ته اَسين هفتو، ڇهه مهينا يا
هميشه لاءِ هنسا جي ڪاڌي کان پري رهندا سين.
ڌنيواد انهن سڀني وديارٿين کي، جن دادا جشن جي
پروگرام ۾ انهن ڪري قبول ڪيو! مئون ڪاليج ۽
اِسڪولن ٻاران ڪٺيون ٿي شيون دادا مشن کي
پيش ڪيون ويون سفيد پوش ڀائرن ۽ ڀينرن لاءِ،
ٻڪين ٻسن لاءِ، اِسپتال ۾ بيمارن وغيره لاءِ. اِنهن
سڀني ڪنهن نه ڪنهن سمستا، جهڙوڪ اَپاهج،
اَناٿ، سورداس، يتيم، غريب ٻڍڙا ۽ ٻڍڙيون، ڏن
کي گهرايو هو. ڪن کي نه ڪجهه ڏنائون ۽ ڀوڄن
پڻ ڪارايائون.

١ آگسٽ پياري دادا جو ماهوار ٻڪيه هيو. اُن
ڏينهن سنڌي تاريخن موجب دادا جشن جي پڻ جنم

دادا جي چوڻ ۾ رکي وئي ۽ اُن سان پياري دادا جو جنم دن ڳوٺڙي فنڊ شروع ڪيو ويندو. هن رقم ۾ ٣٥ لک. هڪ ڀاڱ آنجام ڪيا آهن، جي آڇا ٻهتا ڪين آهن. دادا جش جيڪو مٿو اُپديش ڏنو. سو جدا ڏنو ويو آهي.

هن پوڙو ڏينهن جي سمبند ۾ ڀياسي ڪٿان ڪٿان نه آيا! ولايت جي ملڪن مان، - آميريڪا اسپين، لنڊن، هانگ ڪانگ، ڪئنيڊا، سينگاپور، منيلا، انڊونيشا، وغيره ۽ ڀارت جي ٻه آنيڪ شهرن مان پياسي آيا. سڀ پڙهڻجي ڀياس ٻڌائي ويا. سڀاڳا آهن، جي اَڇي سنتن جي جنم دن تي حاضر ٿين ٿا.

ٺهلوءَ، خط وڏو ٿي ويو آهي. وڌيڪ ٻئي دفعي. او لاءِ پيار.

پيارن مان،

نرملا

رب، پيو سڀ ملئي ته ڇا ٿيو؟" ڪهڙو نه اونڌو ويچار! دادا جشن چيو ته پيون سڀ ڳالهيون ملن، پر جي رب نه مليو ته جيون اجائي وڃي ٿيو، ويراڳ جا هي وچن آهن.

روح رهاڻ ڪانپوءِ جلد ۾ سنگت وڌي پئي ۽ گڏجي ڪاڄ . لنگر لڳو. اڄڪلهه ڏهه ٻه هزار سنگت آيل هئي ساڌو واسواڻي مشن، ٻاهر جي ٻارن لاءِ پڙهڻ ڪرايو ويو. پوءِ نئون ڏاسواڻي، جا مڪيلا مان آيل هئي. ان ۾ پرسادي ڪرائي.

شام جو وڏو شاهي ستسنگ ٿيو. جنهن ۾ هڪڙي ڪوي، ٻاهر کليل ميدان ۾، وڏن هيٺ، پياري دادا جي پوتر سماڌيءَ جي سامهون ٿيو. ڇا نه خلق هئي! ڇا نه انسان هو! سڄو ميدان ڀريل هو. دادا گنگارام، دادا هوتچند ۽ شري واگهه سنگهه اکين ۾ دادا جشن کي ڀيٽانجلي ڏني. دادا گنگارام سنگت پاران دادا جشن کي ٣٨،٧=،٩١،١٠=٠٦ رپين جي ٿيلهي ڀيٽ ڪئي، جا دادا جشن جي اڇا موجب ڀاري

ٻوٽ اُسان کي هيٺئين مليو. ٻالڪن ۽ ٻالڪين
سنڌيءَ ۾ گيت ۽ ڪلام اُساهه ۽ ڀڳتيءَ ۾ ڳايا. اُسان
هيٺئين ٻڌا. سنڌين نه فقط ڀارت ۾ ٻه ٻيو پارٽ ڪان
ٻاهر ٻڻ زنده رهندي. وڌيڪ دادا جشن چيو ته
سنڌي سنڌن ۽ سنڌوڪن جي سڪيا ۾ هن هڪ ڳالهه
تي زور ڏنو آهي ته ٻنهجي هڪ هڪ ڪم ڪار،
وچن ۽ ويچار ۾ آتما جي جوت جڳيو. انڪري
ٻنهجين اندرين ۽ من تي ضابطو رکو، زندگيءَ ۾ پوترتا
جو آدرش کوليو. نام نه ساريو ۽ نه وساريو ته نام جا
پڳل روپ آهن دکي دردوندن، غريب مسڪين،
ٻسون ۽ ٻکي، اُن جي سيوا ڪريو، آسيس پايو!

ٻمبئي :- ٻدر، ٦ آگسٽ، دادا جشن لونا والا
مان چشن ڏينهن لاءِ ٻمبئيءَ هليو. اُت دادا جشن
جا سنڌيءَ ۾ اُپديش، انگريزي ليڪچر، روح رهاڻ
سٽسنگ، نيدي ٿيءَ وارن لاءِ سوالن جوابن جي
ميٽنگ، نئشنل ڪاليج، ڪي. سي. ڪاليج،
آر. ڪي. اڪيڊمي ۽ جسٽس چنداڻي هال ۾ ٿيا.

ياترا

لوناوالا :- آرتوار، ٣، آگسٽ ، دادا جشن پوني مان ڪار رستي ٽن ڪلاڪن لاءِ لوناوالا هليو. ساڻس گڏ دادا هولچند آڏواڻي ۽ مسز ساوتري هولچند پڻ هئا. سنگت جا ڪيترا ڀائر ۽ ڀينر، پارس مان ۽ ڀارت کان ٻاهران ولايت جي ملڪن مان جي آيل هئا، سي پڻ هليا. لوناوالا ۾ رام نام جو ميلو لڳي ويو. صبوح شام روح رهاڻ ٿيندي هئي ۽ تماشام جو ستسنگ. ولايت جي ٻالڪن ٻالڪين، ڀائرن ۽ ڀينرن سندي ڪلام، پياري دادا ۽ دادا جشن جا گيت ۽ ڪيرتن ڳائي سنگت کي ڏاڍو آنند ڏنو.

سومر شام جي ستسنگ ۾ دادا هولچند دادا جشن جو سواگت ڪندي چيو ته ٻالڪن ٻالڪين جا سنڌي ڀڄن ٻڌي، مان سمجهان ٿو، ته سنڌيت اڃا قائم آهي ۽ قائم رهندي. دادا جشن چيو ته ڀارت کان ٻاهر ولايت جي ملڪن ۾ سنڌيت ڦهلجي وڃي پئي، جنهن جو

اپياس ڪريون. سمورو وقت ٻاڻ کي ٻيوءَ جي حاضريءَ ۾ سمجهون، ۽ ورِي ورِي ٻاڻ کي ياد ڏياريون ته اسين اڪيلا ڪين آهيون. ٻيو اسان سان آهي. صدق رکون ته ٻيوءَ لاءِ ڪجهه به ناممڪن ڪين آهي. هن دنيا ۾ ٻيوءَ جا اوزار ٿي ڪم ڪريون ۽ هر حال ۾ سندس شڪرانا مڃون.

روح رهاڻ :- اڄڪلهه تناءُ (tension) وڌيل آهي، جنهن جو مکيه ڪارڻ هي آهي ته انسان ماضيءَ جي پلن ڇڪن جي يادگيريءَ ۾ رهي ٿو ۽ کيس مستقبل (آئينده) جو ڊپ آهي. سياڻو سو، جو صدق ۾ رهي ٿو. اُن کي ٻوڌ آهي ته جيڪي ٿي گذريو آهي، جيڪي ٿي رهيو آهي، جيڪي ٿيڻو آهي، اُن سڀ ۾ سندس ٿي پلو آهي. اُن واسطي نه ماضي، نه مستقبل آهي. اُن لاءِ ته آهي ”هيءَ گهڙي، هيءَ ويلا“. ڪم ڪار ڪري ٿو، پر سندس دل اندر هميشه ٻاري ٻيوءَ جي يادگيري رهي ٿي.

اُلهاس نگر :- آرتوار، ١٠ آگسٽ، دادا جشن ڪار رستي اُلهاس نگر ۾ آيو. هري ڪيرتن دربار

دادا جشن پنهنجن اپديشن ۾ هيٺين ڳالهين تي
زور ڏنو:-

نيشنل ڪاليج:- اپديشن جي سکيا ۾ ٻڌايل آهه
ته انسان (جيو آتما) ٻئي (پرماتما) کان وڇڙيل
آهي. انڪري دکي آهي. سچو سک ڪيس تڏهن
پراپت ٿيندو، جڏهن انسان جو ٻيهر ساڻ ميلاپ
ٿيندو. هن وقت جيو اندرين ۽ من جي چڪر ۾ ڦاٿل
آهي. ڇوٽڪاري پائڻ واسطي ضروري آهي ته امرت
ويلي اٿي نام جو ابياس ڪريون، ڪڏهن نه ڪڏهن
ست سنگت جو سنگ ڪمايون، دکين دردين،
پکين پسن جي سيوا ڪريون.

ڪي. سي. ڪاليج:- اڄڪلهه لوڪ پاڻ کي
اڪيلو پيا سمجهن. هن ٻئي سلامتيءَ واري دنيا ۾
رهي اسان کي ٻالڪ وانگر صدق هٺ گهرجي ته اسين
اڪيلا ڪين آهيون. ٻئي اسانجو پتا ماتا اسان سان
آهي. اسانجا سڀ بوجا ۽ بار اُن تي آهن. انڪري
جيڪر ٻيهر سان ناتو جوڙيون. هر روز ساڻس جو

۾ ستسنگ وڪيل هو. ھمہ دادا جشن هڪ ڳالهہ تي زور ڏنو تہ انسان کي جڳائي تہ هوءَ دل جي دري کولي. اِنلاءِ ضروري آهي تہ ڀڳتيءَ ۾ وڌون، نام ڳايون ۽ ڀڳوءَ جي صفتن جو ڌيان ڪريون ۽ دل اندر ڀڳوءَ لاءِ پياس اُڀاريون، دکين دردن، هيڻن ڏکيئن جا شيوڪ ٿيون.

اُن ڏينهن ئي دادا جشن اُلهاس نگر مان لوناوالا ۾ آيو، جتان ۱۲ آگسٽ تماشام جو پونا ۾ واپس پهتو.

دادا ماهوار پڪيہ - [۱۹۸۶.۸.۳۱]

Printed by Haresh G. Dodeja, Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth, Pune 2 Phone : 34494
and Published by Pamo N. Manchandya.
5/20, Sadhu Vaswani Kunj, Pune 1, Phone:64174

Regd. No PNC — E/13